नामांक :                    Roll No.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | |

No. of Questions - 11

**S–74–Sindhi (T.L.)**

No. of Printed Pages - 07

# माध्यमिक परीक्षा, 2016

# SECONDARY EXAMINATION, 2016

## सिन्धी

## SINDHI

(THIRD LANGUAGE)

Time : $3\frac{1}{4}$ Hours

Maximum Marks : 80

**نوٽ : سڀ سوال ڪرڻ ضروري آهن.**

**नोट : सभेई सुवाल करणु जरुरी आहिनि।**

**1.** هيٺيون ٽڪرو پڙهي سوالن جا جواب ڏيو : 1+2+2= 5

انسان جي هستي ۽ بزرگيءَ جو فقط هڪ راز آهي- دل ڏيڻ. مومبتي ڳري ۽ پاڻ کپائي تڏهين سندس تجلو ٿئي ۽ اوُندهه ڦري سهائي ٿئي، تيئن اِنسان جي دِل به جڏهن ٻري ناس ٿئي تڏهن نوُراني جوت جو اظهار ٿئي. ويچارو اِنسان تڏهن ٿو سَگهارو ٿئي جڏهن پاڻ اَرپڻ ٿو ڪري. جنهن سڀ ڪجهه ڇڏيو، تنهن کي سڀ مِليو. جنهن کي ڪجهه به ڏسڻ جي آس نه آهي تنهن پاتيو ته سڀ ڏٺو. اِنسان جي جيون ۾ جي دل نه آهي يعنيٰ پريم ۽ ڀڳتي نه آهي ته اُن جو جيئڻ اَجايو آهي.

**(i)** مٿئين ٽڪري جو سِرو لِکو .

**(ii)** اِنسان ڪڏهن سَگهارو ٿئي ٿو ؟

**(iii)** مٿئين ٽڪري جو سارُ لِکو.

1. हेठियें टुकिरे खे ध्यान सां पढ़ी ड्रिनल सुवालनि जा जवाब लिखो : **1+2+2= 5**

इन्सान जी हस्ती ऐं बुर्जुगीअ जो फ़क़ति हिकु राज़ आहे दिल ड्रियण। मोमबत्ती ग़रे ऐं पाण खपाए तड़हिं संदसि तजलो थिए ऐं उंदहि फिरी सहाई थिए। तीअं इंसान जी दिल बि जड़हिं ब़ुरी नास थिए तड़हिं नूरानी जोत जो इज़हार थिए। वेचारो इंसान तड़हिं थो सघारो थिए, जड़हिं पाण अर्पण थो करे। जंहिं सभु कुझ छड्रियो तंहिंखे सभु मिलियो। जंहिं खे कुझ बि ड्रिसण जी आस न आहे तंहिं भांयो त सभु ड्रिठो। इंसान जे जीवन में जे दिल न आहे यानी प्रेम ऐं भग़ती न आहे त उनजो जीअणु अजायो आहे।

**(i)** मथिएं टुकिरे जो सिरो लिखो।

**(ii)** इंसान कड्रहिं सघारो थिए थो ?

**(iii)** मथिएं टुकिरे जो सारु लिखो।

**2.** ڪنهن به وشيه تي اٽڪل **200** لفظن ۾ مضموُن لِکو 10

**(i)** جيڪڏهن مان ڀارت جو پرڌان منتري هُجان

**(ii)** وڌندڙ بيروزگاري ۽ ان جو حل

**(iii)** چيٽي چنڊ

**(iv)** شڪشا جي کيتر ۾ ڪمپيوُٽر

2. कंहिं बि हिक विषय ते अटिकल 200 लफ़ज़नि में मज़मून लिखो : 10

(i) जेकड्डहिं मां भारत जो प्रधानमंत्री हुजां।

(ii) वधन्दड़ बेरोज़गारी ऐं उनजो हलु ।

(iii) चेटीचण्डु।

(iv) शिक्षा जो खेत्र में कम्प्यूटर।

.3 توهانجي محلي ۾ گندي پاڻيءَ جي سپلاءِ بابت جلدايه وڀاڳ کي درخواست لکو 5

يا

توهانجي اسڪول جي ٻارن کي راجستان جي ايتهاسِڪ جڳهين تي گهمڻ لاءِ وٺي وڃن ٿا. توهان پنهنجي پيءُ کان 2000 روپيه گهُرائڻ ۽ گهُمڻ وڃڻ بابت خط لکو.

3. तव्हांजे मोहल्ले में नलनि में गन्दे पाणीअ जे सप्लाई बाबति जलदाय विभाग खे दरख़्वास्त लिखो। 5

या

तव्हांजे स्कूल जे ॿारनि खे राजस्थान जे ऐतिहासिक जगॿहियुनि ते घुमण लाए वठी वञनि था। तव्हां पंहिंजे पीउ खे 2000 रुपया घुराइणु ऐं घुमणु वञण बाबति ख़तु लिखो।

.4 توهانجي رِهائشي علائقي ۾ موبائيل ٽاور لڳايو ويو آهي، جنهن کي هٽائڻ لاءِ واسطيدار آفيسر کي رپورٽ درج ڪرايو. 5

4. तव्हांजे रिहाइशी इलाक़े में मोबाइल टॉवर लगॻायो वियो आहे। जंहिं खे हटाइण लाइ वास्तेदार ऑफीसर खे रिपोर्ट दर्ज करायो। 5

.5 (i) اِسم ڇاکي چئبو آهي؟ اُن جا گهڻا قسم آهن؟ نالا لکو 5+3+2+5= 15

(ii) عدد بدليو: (ڪي به ٽي)

ڪمرو، ٻڪري، ڪٽ، ڪاٺي

(iii) جنس بدليو: (ڪي به ٽي)

ماءُ، مالڪُ، ڌوٻي، اَبو

**(iv)** هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکي جُملي ۾ ڪمُ آڻيو : (ڪي به پنج)

**(i)** سائين سائين ڪرڻ، **(ii)** پيرن تي بيهڻ

**(iii)** ٻَٽاڪوُن هَڻڻ **(iv)** طوطي وانگر پڙهڻ

**(v)** آسمان سان ڳالهيوُن ڪرڻ **(vi)** ٻَٻُر ڪان ٻير گهُرڻ

5. **(i)** इस्मु छा खे चइबो आहे? उनजा घणा क़िस्म आहिनि? नाला लिखो **5+3+2+5= 15**

**(ii)** अदद बदलियो (के बि टे)

कमरो, ॿकिरी, खट, काठी

**(iii)** जिन्स बदलियो (के बि ॿ )

माउ, मालिक, धोॿी, अबो

**(iv)** हेठियनि इस्तलाहनि जी माना लिखी जुमिले में कमु आणियो (के बि पंज)

**(i)** साईं–साईं करणु **(ii)** पेरनि ते बीहणु

**(iii)** ॿटाकूं हणणु **(iv)** तोते वांगुर पढ़णु

**(v)** आसमान सां ॻाल्हियूं करणु **(vi)** ॿबुरनि खां ॿेर घुरणु ।

**.6** ڪو به هڪ حوالو لکو : 6

**(i)** ” اَڄُ ڪم جي راس ٿيڻ جي آشا رکڻ آهي ڄڻ ٻَٻُرن ڪان ٻير گهرڻ“

**(ii)** ”مهمان نوازيءَ ۾ سنڌين کي ڪير وٽي.“

6. **को बि हिकु हवालो लिखो :** **6**

**(i)** ''अॼ कम जे रासि थियण जी आशा रखणु आहे ॼणु ॿबुरनि खां ॿेर घुरणु ।''

**(ii)** ''महिमान नवाज़ीअ में सिंधीअ खे केरु वठे।''

**.7** ”ماڻهوُ ڇا چوَندا !“ جو خيال ڪري ڪهڙا ڪم ٿين ٿا **100** لفظن ۾ لکو 6

**يا**

جَهانگير اِنصاف ڪيئن ڪيو ؟ اٽڪل **100** لفظن ۾ لکو

7. ''माण्हू छा चवंदा!'' जो ख़्यालु करे कहिड़ा कम थियनि था ? अटिकल 100 लफ़्ज़नि में लिखो 6

**या**

जहांगीर इंसाफु कींअ कयो ? अटिकल 100 लफ़्ज़नि में लिखो।

**.8** هيٺين مان ڪن به پنجن سوالن جا جواب اٽڪل **20** لفظن ۾ ڏيو 2+2+2+2+2=10

**(i)** واپارين جي آجيان ڪنهن ڪئي ؟

**(ii)** قوَمي هلچل ۾ ڀاڱه وٺندي جيٺي سپاهيملاڻيءَ کي ڪهڙيوُن تڪليفون درپيش آيوُن ؟

**(iii)** هڪسلي جا ٺاهيل اِنسان ڇا جا پُتلا آهن ؟

**(iv)** ڏاڏو قدرت لاءِ ڇا چوَندو آهي ؟

**(v)** ”ٻئي پوٽا هِڪَ ڏاڏي جا“ سبق ۾ ليکڪ ڪهڙو سنديش ڏنو آهي ؟

**(vi)** ٽوليءَ ۾ ڪير ڪير هُئا ؟

8. हेठियनि मां किनि बि पंजनि सुवालनि जा जवाब अटिकल 20 लफ़्ज़नि में ड्रियो। **2+2+2+2+2=10**

**(i)** वापारियुनि जी आजियां कंहिं कई ?

**(ii)** क़ौमी हलचल में भाग़ वठंदे ज़ेठी सिपाहीमलाणीअ खे कहिड़ियूं तकलीफूं दरपेश आयूं ?

**(iii)** हक्सले जा बणायल इन्सान छा जा पुतला आहिनि ?

**(iv)** ड्राड्रो कुदिरत लाइ छा चवंदो हो ?

**(v)** 'ब्रेई पोटा हिक ड्राड्रे जा' स़बक़ में लेखक कहिड़ो संदेशु ड्रिनो आहे ?

**(vi)** टोलीअ में केरु–केरु हुआ ?

**.9** هيٺئين بيت جو مطلب لِکو : 6

دُک، درد، تمنائُون ۽ اَرمان هَزارين

هڪ دل ۾ رهن ڪيئن ٿا مهمان هزارين

**يا**

خلق منجهه خالق، خالق سڀ خلق ۾

سمجهي ڪو سامي چَوي وِرلو هرجن هڪ

مهر ڪري مالڪ جنس تي پرچي پاڻ هي

**9.** हेठियें बैत जो मतलब लिखो : 6

दुख, दर्द, तमनाऊं ऐं अर्मान हज़ारें

हिक दिल में रहनि कींअ था महिमान हज़ारें

**या**

ख़ल्क़ मंझि ख़ालिकु, ख़ालिकु सभु ख़ल्क़ में

समझी को सामी चवे विरलो हर जन हिकु

महिर करे मालिकु जंहिं ते परचे पाण ही

**.10** ''ماڻهوُ چا چَوَندا'' پاٺ جي ليکڪ ''ٻلديو گاجرا'' جو پريچيه اٽڪل **100** لفظن ۾ لکو. 6

**يا**

'غزل' جي ڪوي 'شري لچمڻ دُبي جو پريچيه اٽڪل **100** لفظن ۾ لکو.

**10.** 'माण्हू छा चवंदा!' पाठ जे लेखक 'बलदेव गाजरा' जो परिचय अटिकल 100 लफ़्ज़नि में लिखो। **6**

**या**

'ग़ज़ल' जे कवि 'श्री लक्ष्मण दुबे' जो परिचय अटिकल 100 लफ़्ज़नि में लिखो।

**.11** کنهن به هڪ بيت جو سارُ اٽڪل **100** لفظن ۾ لکو : 6

**(i)** بيت (شاهه عبدللطيف ڀٽائي)

**(ii)** رات گُذار ته سهي

**11.** कंहिं बि हिक बैत जो सारु अटिकल 100 लफ़्ज़नि में लिखो। **6**

**(i)** '' बैत '' (शाह अब्दुललतीफ़ भिटाई)

**(ii)** '' राति गुज़ारि त सही! ''

**********